اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ”اميرِ اهلسنت“ جي ڏهن اکرن جي نسبت سان هن رساليءَ کي پڙهڻ جون 10 نيتون

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم آهي: ”نية المؤمن خير من عمله ٥ مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“
**(المعجم الكبير للطبراني ، الحديث 5942، ج6 ص 185)**

## ۞ ٻہ مدني ګل ۞

(1) بنا سٺي نيّت جي ڪنهن بہ سٺي عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نيّتون وڌيڪ هونديون، اوترو ثواب بہ وڌيڪ ملندو .

﴿1﴾ هر ڀيري حمد ۽ ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تَعَوُّذ (يعني اعوذ بالله) ۽ ﴿4﴾ تسميه (يعني بسم الله) سان شروعات ڪندس. (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل ٻنهي عربي عبارتن کي پڙهڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو). ﴿5﴾ وس آهر هن جو باوضو ۽ ﴿6﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس﴿7﴾ جتي جتي ”الله“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿8﴾ جتي جتي ”سرڪارِ مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم پڙهندس ﴿9،10﴾ توفيق آهر هن رسالي کي ورهائيندس ۽ ٻين کي بہ هي رسالو پڙهڻ ۽ ورهائڻ جي ترغيب ڏياريندس.

# آڳ ۾ هي پڙهو

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت،بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي ضيائي **دامت برڪاتهم العاليہ** تي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو خاص ڪرم آهي. انهن جي شخصيت ۾ رب عَزَّوَجَلَّ اهڙي ڪشش عطا فرمائي آهي جو انهن جي نوراني چهري جي ديدار جي بَرَڪت سان ڪيترائي گناهگار توبهہ تائب ٿي ڪري نيڪين جي رستي تي اچي ويا آهن. هن پُرفتن دؤر ۾ جڏهن ميڊيا ڏانهن ماڻهن جو لاڙو وڌندو پيو وڃي ۽ گمراهہ ڪندڙ عقيدن ۽ عملن تي مشتمل وي سي ڊيز جي ڀرمار آهي، نيڪيءَ جي دعوت کي عام ڪرڻ جي مقدس جذبي جي تحت دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليہ** جي بيانن ۽ مدني مذاڪرن جون (هي سٽون لکجڻ تائين) اٺڪل يارهن وي سي ڊيز جاري ڪيون آهن. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ انهن وي سي ڊيز جون گهڻيون ئي بهارون آهن. ڪيترن ئي مسلمانن کي گناهن کان توبهہ نصيب ٿي، ڪيترن ئي مسلمانن فيشن جو شوق ڇڏي سنّتن تي عمل شروع ڪري ڇڏيو، بدعقيده ماڻهن کي خوش عقيدگي نصيب ٿي، ڪيترن ئي ڪافرن جون زندگيون اسلام جي نُور سان روشن ٿيڻ لڳيون، بيمارن کي شفا ملي وغيرها. وي سي ڊيز جون 15 بهارون هڪ رسالي "**ڪرسچين مسلمان ٿي ويو**" جي صورت ۾ شايع ٿي چُڪيون آهن. هاڻي انهن مدني بهارن جو ٻيو حصو "**سَسُ ۽ نـُهن ۾ صلح جو راز**" جي نالي سان اوهان جي خدمت ۾ پيش آهي.

شعبه اصلاحي ڪتب مجلس المدينة العلميہ ﴿دعوتِ اسلامي﴾

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# درود شريف جي فضيلت

**شيخ** طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي ضيائي دامت برکاتهم العاليہ پنهنجي رسالي ”ضياءِ دُرُود و سلام“ ۾ نقل فرمائن ٿا تہ سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، بِاذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاهِ ابرار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم جن جو فرمانِ بَرَڪت نشان آهي: ”قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي تمام ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي گهڻا دُرُود شريف پڙهيا هوندا.“

(ترمذي، ڪتاب الوتر، ج 2 ص 27)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ﴿1﴾ سس ۽ نـنهن ۾ صلح جو راز

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ گهڻي عرصي کان منهنجي گهرواريءَ ۽ امڙ يعني سَسُ ۽ نُنهن جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿيندو رهندو هو. آخرڪار نتيجو اهو نڪتو جو منهنجي گهرواري رُسي وڃي پنهنجي پيڪين ويٺي. مان ڏاڍو پريشان هئس. سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ انهيءَ مسئلي کي ڪيئن حل ڪيان؟ ايتري ۾

امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ جي وي سي ڊي VCD "گھر امن کا گھوارہ کیسے بنے ؟" منهنجي هٿ اچي وئي. موضوع ڏنم تہ وڏي اميد سان اها وي سي ڊي مون پاڻ بہ ڏٺي ۽ پنهنجي امڙ سائڻ کي بہ ڏيکاريم ۽ هڪ وي سي ڊي پنهنجي ساهرن بہ موڪليم. منهجي امڙ کي اها VCD ايڏي تہ پسند آئي جو انهن اها VCD ٻيو ڀيرو بہ ڏٺي ۽ ايترو تہ متاثر ٿي جو مون کي فرمايائون تہ : **پٽ اڄ تنهنجي ساهُرن ڏانهن هلون ٿا**." مان ڏاڍو خوش ٿيس تہ جيڪو ڪم آءُ گهڻي انفرادي ڪوشش جي باوجود نہ ڪري سگهيس اهو منهنجي مرشد **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جي مٺي مٺي گفتگو واري انداز ڪري ڇڏيو.

**منهنجي** ساهرن وٽ پهچي ڪري امڙ وڏي محبت سان منهنجي گهرواريءَ کي **پرچايو** ۽ ان کي واپس گهر وٺي آئي. ٻئي پاسي منهنجي گهرواريءَ بہ **محبت** ۽ **خوشيءَ منجهان ٻالهہ مڇي** ۽ گهر پهچڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن پنهنجي سَسُ (يعني منهنجي امڙ) کي چوڻ لڳي تہ: امان! منهنجو ڪمرو ڪشادو آهي جڏهن تہ ٻيا گهروارا جنهن ڪمري ۾ رهن ٿا اهو هن ڪمري کان ڪجهہ ننڍو آهي، توهان منهنجي ڪمري ۾ رهو ۽ آءُ ان ننڍي ڪمري ۾ رهان ٿي." **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اسان جو گهر جيڪو فتني ۽ فساد جو شڪار هو، اهو هِن VCD جي بَرَڪت سان **امن امان** وارو ٿي ويو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# ﴿2﴾ سبز عمامي وارا بزرگ

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي علائقي اورنگي ٽاؤن جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جي خوشنصيبي آهي جو مون سميت سڀئي گهروارا **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀريئي مدني ماحول سان وابستہ آهن ۽ شيخ طريقت **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جا مُريد بہ آهن. صفر المظفر سن 1429هہ بمطابق فيبروري 2008ع ۾ مون کي عاشقانِ رسول جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت نصيب ٿي. انهيءَ دؤران مون 63 ڏينهن جو **تربيتي ڪورس** ڪرڻ جي نيّت بہ ڪئي ۽ نالو بہ لکرائي ڇڏيم. اهڙيون سُنيون سُنيون نيّتون ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن گهر پهتس تہ منهنجي ٻارن جي ماءُ ٻُڌايو تہ ڪلهہ شام جو ٻئي پٽ ڪيڏندي ڪيڏندي الائي تہ ڪيڏانهن نڪري ويا، گهٽي ٻَولا ڪئي سين، پر انهن جي ڪا خبر نہ پئي. **صدمي** وچان، منهنجي حالت خراب ٿي وئي. دل ۾ هر هر مختلف وسوسا اچي رهيا هئا، مان روئڻ لڳيس. ايتري ۾ ٻئي مدني مُنّا گهر اچي ويا، انهن کي ڏسي **مون سڪ جو ساهہ کنيو**. اهي ڏاڍا **ڊنل** هئا. جڏهن انهن جي حالت ڪجهہ ٺيڪ ٿي تہ ٻُڌايائون تہ اسان ٻاهر راند ڪيڏي رهيا هئاسين تہ هڪ ڪچرو چونڊڻ وارو (جنهن جي هٿ ۾ هڪ ٻوري هئي) اسان جي ويجهو آيو ۽ هڪدم ڪا شيءِ سنگهايائين

جنهن سان اسان بي ساها ٿي ڪِري پياسين ان هڪدم اسان کي ٻوريءَ ۾ وجهي ڇڏيو. ان کان پوءِ اسان کي ڪنهن بہ شيءِ جو هوش نہ رهيو.نہ ڄاڻ ڪيتري دير کان پوءِ اسان کي هوش آيو تہ ڏٺوسين تہ اسان ٻوريءَ کان ٻاهر زمين تي پيل آهيون ۽ اهو ڪچرو چونڊڻ وارو اسان جي ويجهو زمين تي پيو آهي ۽ سُور کان ڇِنگهي رهيو هو. ائين پيو لڳي جڻ ڪنهن ان کي ڏاڍو ماريو هجي. پوءِ اسان جي نظر سبز عمامي واري هڪ بزرگ تي پئي جن جي چهري مان نُور ٽِمي رهيو هو. اهي اسان کي تسلي ڏيندي فرمائڻ لڳا:”پٽ! گَهٻرايو نہ، اچو مان توهان کي توهان جي گهر ڇڏي ٿو اچان.“ اهڙي طرح اهي بزرگ هينئر اسان کي گهر ڇڏي ويا آهن. (منهنجي گهرواريءَ وڏيڪ ٻُڌايو تہ) مون الله عَزَّوَجَلَّ جو گهڻو شڪر ادا ڪيو ۽ ان بزرگ جي باري ۾ سوچڻ لڳس تہ اسان جا محسن، اهي سبز عمامي وارا بزرگ خبر ناهي ڪير هئا؟ پوءِ جڏهن مون سمهڻ کان اڳ ۾ مڪتبة المدينہ جي جاري ڪيل **VCD عوامی وسوسے اور امیرِ اهلسنت کے جوابات** هلائي ۽ جيئن ئي شيخ طريقت امير اهلسنّت مولانا ابوبلال **محمد الياس عطار قادري** دامت برکاتهم العاليہ جو **چهرو** مبارڪ ڏسڻ ۾ آيو تہ ٻئي مدني مُنّا بي اختيار ٿي چوڻ لڳا: امان اِهي ئي تہ اُهي بزرگ آهن جن اسان کي اغوا ٿيڻ کان بچايو هو ۽ گهر تائين بہ ڇڏڻ آيا هئا.“

ان اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ اهو ٻُڌي منهنجي اکين

۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ مون الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو جنهن اسان کي اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جهڙي وليءِ ڪامل جي دامن سان وابسته ٿيڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ هٿوهٿ مدني قافلي جا مسافر بڻجي ويا

**قطر** جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هن ريت آهي: قطر ۾ جمعي جي رات جو هڪ نئين جڳھ تي **سنتن ڀريي اجتماع** جي ترڪيب ڪئي وئي. ان اجتماع ۾ مڪتبة المدينه مان جاري ٿيندڙ "**بين الاقوامي اجتماع و اجتماعي اعتڪاف**" جي VCD ڏيکاري وئي. اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙ اسلامي ڀائر اها VCD ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ ان VCD جي بَرَڪت سان اٽڪل 26 **اسلامي ڀائرن** هٿوهٿ عاشقانِ رسول سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر اختيار ڪيو.

*الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں*

*اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو*

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ بي نمازي نمازي ٿي ويو

**رواٽ** (کهوٽا، اسلام آباد) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح بيان آهي ته مان **بي نمازي** هئس. منهنجي سُڌرڻ

جو واقعو هن ريت آهي تہ مون ”**بين الاقوامي اجتماع و اجتماعي اعتڪاف**“ نالي VCD ڏٺي. جنهن ۾ مدينة الاولياء ملتان شريف ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي بين الاقوامي سنّتن ڀريئي اجتماع جا روح پَرور منظر ڏسي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جو ذهن نهيو. ائين مان بين الاقوامي سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس. اتي سنّتن ڀريا اصلاحي بيان ٻُڌي مون **نمازن جي پابندي** جي پَڪي نيّت ڪئي. اجتماع کان واپسيءَ تي مون پنهنجي گهروارن کي بہ اها VCD هلائي ڏيکاري. جنهن کي ڏسي اهي بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول کان تمام گهڻو متاثر ٿيا.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی
صدقہ تجھے اے ربّ غفار مدینے کا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿5﴾ اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيت ڪئي

**پِنڊدادن خان** (پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو هن طرح بيان آهي: ”**بين الاقوامي اجتماع و اجتماعي اعتڪاف**“ نالي VCD ڏسي اسان جي علائقي جو هڪ جج صاحب ڏاڍو متاثر ٿيو. ان جو چوڻ هو تہ مان تہ ڦهريان کان **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جا رسالا پڙهندو آهيان. ان دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ بين

الاقوامي اجتماع ۾ شرڪت جي به نيت ڪئي. انهيءَ علائقي جو هڪ ايم پي اي (يعني صوبائي اسيمبلي جو ميمبر) به ان VCD ڪان ڏاڍو متاثر ٿيو.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿6﴾ دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿي ويا

باب الاسلام (سنڌ) جي شهر عمر ڪوٽ جي ذميدار اسلامي ڀاءُ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي ته مون مڪتبة المدينه طرفان جاري ٿيندڙ VCD "**دعوتِ اسلامی کی جھلکیاں**" يونيورسٽي جي هڪ شاگرد کي ڏني. جڏهن ان اها VCD ڏٺي ته ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ مون کي چوڻ لڳو ته مان ته سمجهندو هئس ته عمرڪوٽ جا ڪجهه اسلامي ڀائر ئي **دعوت اسلامي** جو سرمايو آهن پر اها VCD ڏسڻ ڪان پوءِ خبر پئي ته توهان جي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو **مدني ڪم** ته دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿي رهيو آهي. رڳو اهو نه بلڪ ايترو متاثر ٿيو جو ان اها VCD پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪيبل تي به هلائي، ته جيئن ٻيا ماڻهو به **دعوتِ اسلامي** جي شان ۽ شوڪت کي پنهنجي اکين سان ڏسن. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اهو اسلامي ڀائر ان VCD جي بَرَڪت سان گناهن ڪان تائب

تي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي چُڪو آهي ۽ هي بيان ڏيڻ تائين مجلسِ رابطہ (دعوتِ اسلامي) جو رڪن آهي. ان **جامعة المدينہ** مان درسِ نظامي ڪرڻ جي بہ نيّت ڪئي آهي.

دعوتِ اسلامی کی قیوم، دونوں جہاں میں مچ جائے دھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یا اللہ مِری جھولی بھردے

**صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

## ﴿7﴾ اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙن جو تعداد وڌي ويو

www.dawateislami.net

**باب الاسلام** (سنڌ) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جو بين الاقوامي **سنتن ڀريو اجتماع** بلڪل ويجهو اچڻ وارو هو. عمر ڪوٽ جي تحصيل ڪينسر جي ڳوٺ پيراڻي ۾ پروجيڪٽر جي ذريعي VCD **اجتماع** ڪيو ويو تہ ماڻهن حيران ٿي چوڻ لڳا اسان تہ اهو سمجهندا هئاسين تہ بدمذهبن جو نيٽ ورڪ ڏاڍو وسيع ۽ مضبوط آهي پر هيءَ VCD ڏسي خبر پئي تہ **الحمدللہ** عَزَّوَجَلَّ حق وارن جي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** دنيا جي اٽڪل 66 ملڪن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي. انهن هن VCD ۾ واضح طور تي **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جو ديدار نہ ٿيڻ تي

حسرت جو اظهار بہ ڪيو. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ ان VCD اجتماع جي بَرَڪت سان ان علائقي مان نہ صرف بين الاقوامي **سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ شرڪت ڪندڙ اسلامي ڀائرن جي تعداد ۾ **واڌارو** ٿيو بلڪ مدني ڪم بہ پهريان ڪان گهڻو وڌي ويو ۽ ان ڳوٺ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عيد الفطر جي موقعي تي **دعوتِ اسلامي** ڪي مدني عطيا پيش ڪيا ويا، ان سان گڏوگڏ اسلامي ڀائرن قرباني جون کلون بہ دعوتِ اسلامي ڪي ڏيڻ جي نيّت ڪئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿8﴾ گهر مان ٽي وي ڪڍي ڇڏيائين

لاڙڪاڻي(سنڌ) جي هڪ رهاڪو اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان جيلس بازار (لاڙڪاڻي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ ڪي شيخِ طريقت اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ جي بيان"**ٹی وی کی تباہ کاریاں**"جي VCD تحفي ۾ ڏني. اٽڪل هڪ هفتي ڪان پوءِ ان سان ٻيهر ملاقات ٿي تہ حيرت ۽ خوشيءَ وچان چوڻ لڳو: توهان جي پير ۽ مرشد (يعني اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ) VCD جي ذريعي اهڙو تہ شوڪارو هنيو آهي جو اسان جي گهر جي ڀاتين جڏهن ڪان اها VCD ڏٺي آهي، الحمدلله عَزَّوَجَلَّ پنج وقت جي نماز پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي اٿن ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪري ٽي وي بہ ڪڍي ڇڏي

اٿئون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿9﴾ بدعقيدي واري ڊاڪٽر جي توبهہ

**باب الاسلام** (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ اسان جو **مدني قافلو** حيدرآباد کان دادو شهر جي ويجهو پيارو ڳوٺ ۾ پهتو. جنهن مسجد ۾ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارا **عاشقانِ رسول** ترسيا، ان جي ويجهو هڪ اسپتال بہ هئي. ان اسپتال جي انچارج ڊاڪٽر (جنهن جي عمر تقريبًا **40** سال هئي ان) جي باري ۾ ڪنهن ٻُڌايو تہ اهو ڊاڪٽر بدعقيده ماڻهن جي تنظيم سان وابستہ آهي ۽ ايڏو تہ پڪو آهي جو اسپتال ۾ مسجد موجود هجڻ جي باوجود ڪافي پري پنهنجي عقيدي وارن ماڻهن جي مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويندو آهي. قافلي ۾ شريڪ اسلامي ڀائر جڏهن جدوَل جي مطابق **انفرادي ڪوشش** جي لاءِ مسجد مان ٻاهر نڪتا تہ ان ڊاڪٽر وٽ بہ پهتا ۽ ڪيس سکر ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي **3** روزه **سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت پيش ڪيائون. ان انڪار ڪندي چيو تہ مان تہ فلاڻي تنظيم جي اجتماع ۾ شريڪ ٿيندو آهيان. قافلي وارا واپس آيا ۽ همٿ هارڻ بدران وقت بوقت ان تي انفرادي ڪوشش جو سلسلو جاري رکيائون. ٻئي ڏينهن جڏهن انهن ان ڊاڪٽر کي شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت دامت

برڪاتهم العاليہ جو تعارف ڪرايو ۽ انهن جي ديني خدمتن جي باري ۾ ٻُڌايو ۽ ڪيس اسپتال ۾ VCD اجتماع ڪرائڻ جي ترغيب ڏياري تہ حيرت انگيز طور تي اهو فورًا راضي ٿي ويو. ان نہ صرف VCD اجتماع ۾ شرڪت ڪئي بلڪ جڏهن اجتماع جي دؤران بجلي هلي وئي تہ هو پنهنجي ٻر واري هوٽل تان جنريٽر بہ ڪٽي آيو.

**VCD اجتماع** جي آخر ۾ جڏهن اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ وارن تي انفرادي ڪوشش جي دؤران ان ڊاڪٽر کي سکر ۾ ٿيڻ واري **سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي وئي تہ هو هٿوهٿ **تيار** ٿي ويو ۽ پنهنجو نالو بہ لکرايائين. جڏهن اهو ڊاڪٽر سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ شريڪ ٿيو تہ سنّتن ڀريا **بيان**، سڪڻ سيکارڻ جي حلقن ۽ اسلامي ڀائرن جي **حُسن اخلاق** واري انداز کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ هڪ مدني اسلامي ڀاءُ کان پُڇڻ لڳو تہ مان ٻين ماڻهن سان بہ گڏ ويندو رهيو آهيان پر اهڙو ماحول ۽ **روحاني سڪون** مون کي ڪڏهن بہ نصيب نہ ٿيو؟ هاڻي مان ڇا ڪيان؟ ٻنهي پاسي شرڪت ڪيان يا ڪنهن هڪ پاسي؟ اجان اهي اسلامي ڀائر جواب ڏيڻ جي لاءِ حڪمت ڀريئي لفظن جي چونڊ ڪري رهيا هئا تہ اهو ڊاڪٽر صاحب پاڻ ئي چوڻ لڳو: يقينًا توهان جو جواب اهو هجڻ کپي تہ مون کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ گهرجي، هاڻي **هيڏي هوڏي وڃڻ جي ضرورت ناهي**.“ ايترو چوڻ کان

پوءِ ان ڊاڪٽر صاحب پنهنجي بُرن عقيدن کان توبهه ڪئي ۽ پنهنجو نالو شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جو مُريد ٿيڻ جي لاءِ به پيش ڪري ڇڏيائين.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿10﴾ عيسائي مسلمان ٿي ويو

**باب المدينه** (ڪراچي) جي علائقي لياقت آباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته مون هڪ ماڊرن نوجوان کي VCD **"ديدارِ اميرِ اهلسنت"** تحفي ۾ ڏني. هن VCD ۾ شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه جو مبارڪ چهرو پهريون ڀيرو (چٽيءَ طرح سان) ڏيکاريو ويو آهي، **"حُبِ جاه جي تعريف"** ۽ **"ايمان جي سلامتي"** جو مختصر بيان به هن VCD ۾ شامل آهي جڏهن ان ماڊرن نوجوان اها VCD ڏٺي ته ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ پنهنجي گناهن کان **توبهه** ڪيائين، اها VCD هن انفرادي ڪوشش ڪري هڪ **ڪرسچين** يعني عيسائي کي ڏيکاري ته اهو عيسائي اها VCD ڏسي روئي ويٺو ۽ چوڻ لڳو ته مون کي ڪلمو پڙهائي **مسلمان** ڪريو. مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ان اسلامي ڀاءُ جا جذبا اهي هئا ته ڪاش! **نوهان اها VCD مون کي پهريان ڏيکاريو ها ته مان اينرو عرصو**

**ڪفر جي اونداهين ۾ ڀٽڪندو نہ وتان ها.**

**صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

## ﴿11﴾ ايمان جي حفاظت

**عرب امارات** ۾ رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ اسان وٽ هڪ اسلامي ڀاءُ صحيح معلومات نہ هجڻ جي ڪري **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ڪان پري پري رهندو هو. ڪنهن ان کي VCD "**ايمان ڪي حفاظت**" تحفي ۾ ڏني جنهن ۾ اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليہ** مسلمانن کي رقت ڀريل انداز ۾ ايمان جي حفاظت ڏانهن **توجہ** ڏياري آهي. اها VCD ڏسي ايڏو تہ متاثر ٿيو جو چوڻ لڳو **بس اڄ کان آئون دعوتِ اسلامي جو آهيان**. پوءِ ان پنهنجي گهر ۾ **دعوتِ اسلامي** جو اجتماع بہ ڪيو ۽ اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙن کي نہ رڳو ڪاڏو پيش ڪيائين پر پنهنجي چهري تي سنّت جي مطابق هڪ مٺ **ڏاڙهي شريف** سجائڻ جي نيّت ڪرڻ وارن ٻن اسلامي ڀائرن کي **عمرو** ڪرائڻ جي نيّت بہ ڪيائين.

**صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

## ﴿12﴾ ڀيڻ سڌري وئي

باب المدينہ (ڪراچي) جي علائقي گلشن حديد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ شروع ۾ شروع منهنجي ڀيڻ

پنهنجي ٻارن جي پيءُ تي رعب ڪرڻ جي عادي هئي. هو ويچاروڪم ڪار کان ٿڪي ٽُٽي جيئن ئي گهر پهچندو هو منهنجي پيڻ ڪونہ ڪو ٻهانو ڪري ان سان جهيڙو ڪندي هئي. هو ويچارو تمام سادو ۽ شريف هو تنهنڪري چُپڙي ڪري ويهي رهندو هو. اسان بہ پيڻ کي سمجهائيندا هئاسين پر هوءَ پنهنجي عادت کان نہ مڙندي هئي. امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ تي الله عَزَّوَجَلَّ جون ڪروڙين رحمتون نازل ٿين جو سندن عطا ڪيل VCD ”گهر امن کا گهواره کيسے بنے؟“ جڏهن کان منهنجي پيڻ ڏٺي آهي. بس! اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن ان ڪڏهن بہ پنهنجي ٻارن جي پيءُ (يعني پنهنجي مڙس) سان جهيڙو نہ ڪيائين. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ ائين اسان جو گهر امن امان وارو بڻجي ويو.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿13﴾ ٽهر مان ٿي وي ڪڍي ڇڏيائين

**عرب امارات** ۾ رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ (جنهن جو اتي پنهنجو ڪاروبار آهي) جو بيان آهي تہ منهنجي دڪان تي هڪ عربي اسلامي ڀاءُ جو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. هو ۽ سندس گهروارا ٿوري گهڻي اردو بہ ڄاڻيندا هئا. منهنجي والد صاحب انهن کي امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ جي بيان ”**ٽي وي جون تباهہ ڪاريون**“ جي VCD تحفي ۾ پيش ڪئي جنهن ۾ پاڻ دامت برڪاتهم العاليہ تمام شفقت واري

انداز ۾ مسلمانن کي ٽي وي جي دنياوي ۽ آخرت جي تباھ
ڪارين جو احساس ڏيارڻ ڪان پوءِ ان کي گھران ڪڍڻ جي
بہ ترغيب ڏياري آھي، اڳئين ئي ڏينھن جڏھن اھو عربي
اسلامي ڀاءُ منھنجي دڪان تي آيو تہ حيرت ڪندي خوشيءَ
۾ چوڻ لڳو، ”اوھان مون کي ڪھڙي سريع الاثر (يعني جلد اثر
ڪرڻ واري) VCD ڏني آھي جو مان اھا VCD گھر ڏئي ٻاھر
ھليو ويس. منھنجي وڃڻ ڪان پوءِ سڀني گھروارن گڏجي اھا
VCD ڏٺي. جڏھن مان واپس گھر آيس تہ ٻارن جي ماءُ مون
کي چيو تہ بس ھاڻي **ھن گھر ۾ ٽي وي نہ ھوندي** ۽ ٻارن
بہ پنھنجو فيصلو ٻُڌايو تہ ھاڻي اسان وڊيو گيمز وغيره نہ
کيڏنداسين.

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿14﴾ سنجيده ٿي ويا

**پنجاب** (پاڪستان) جي شھر رحيم يار جي ذميدار اسلامي
ڀاءُ جو بيان آھي تہ اسان جي علائقي جي ھڪ جامع مسجد
۾ 1428 ھ ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏھاڪي جي
اعتڪاف ۾ اٽڪل 30 نوجوان اسلامي ڀائر معتڪف ھئا.
**اعتڪاف** جھڙي سعادت حاصل ڪرڻ جي باوجود اھي مسجد
جي احترام کي وساري پاڻ ۾ کل ڀوڳ ۽ ھڪ ٻئي جي دل
**آزارين** ۾ مصروف رھندا ھئا. مسجد جي انتظاميہ بہ انھن

جي حرڪتن جي ڪري ڏاڍي **پريشان** هئي.

28 رمضان المبارڪ تي **دعوتِ اسلامي** جي ذميدار اسلامي ڀائرن ان مسجد ۾ وي سي ڊي اجتماع جي ترڪيب ناهي. ان اجتماع ۾ "**بين الاقوامي اجتماع و اجتماعي اعتڪاف**" جي جهلڪين تي مشتمل VCD ڏيکاري وئي. ان وي سي ڊي ۾ **دعوتِ اسلامي** جي شان ۽ شوڪت ۽ اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جي رقت انگيز دعا ڏسي اجتماع ۾ شريڪ اسلامي ڀائر پنهنجي جذبات کي قابو نہ ڪري سگهيا ۽ روئڻ لڳا، ڪي تہ سڏڪا ڀري روئڻ لڳا، اها VCD ڏسڻ ڪان پوءِ معتڪفين اسلامي ڀائر ايترا تہ **سنجيده** ٿي ويا جو مسجد جي انتظاميہ حيران ٿي وئي ۽ VCD اجتماع ڪرڻ وارن **دعوتِ اسلامي** جي ذميدارن جو شڪريو ادا ڪيائون. الحمدللہ عزوجل اها VCD ڏسي ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن **مدني قافلن** ۾ سفر ۽ سنّت جي مطابق پنهنجي زندگي گذارڻ جي نيّت بہ ڪئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿15﴾ ڀيهر مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا

هند (بريلي) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ آءُ مڪتبة المدينہ تان جاري ٿيندڙ VCD "**جشن ولادت اور دعوتِ اسلامي**" هڪ اهڙي اسلامي ڀاءُ کي تحفي ۾ ڏني جيڪو ڀهريان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول

سان وابسته هو ۽ مدني ڪمن ۾ مشغول رهندو هو، پر هاڻي نامعلوم سببن جي ڪري مدني ماحول کان پري ٿي چڪو هو. جڏهن ان اسلامي ڀاءُ VCD ڏسڻ شروع ڪئي ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ **جشنِ ولادت** جي موقعي تي نڪرندڙ دعوتِ اسلامي جي جلوسن جا ايمان افروز منظر ڏٺا ته ان تي رقت طاري ٿي وئي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مڪمل VCD ڏسڻ کان پوءِ اهو اسلامي ڀاءُ وري ٻيهر **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ لڳو. ان جو چوڻ آهي ته هن VCD جي برڪت سان مون کي دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ٻيهر نصيب ٿيو آهي.

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿16﴾ اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙن جون سٺيون نيتون

**پنجاب** (پاڪستان) جي شهر رحيم يار خان جي اسلامي جي بيان جو خلاصو آهي ته دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري 1428 ھ جي آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ ستاويهين رات جو VCD اجتماع ڪيو ويو. جنهن ۾ اٽڪل 500 اسلامي ڀائرن"**بين الاقوامي اجتماع ۽ اجتماعي اعتڪاف**"واري VCD ڏٺي. انVCD ۾ بين الاقوامي اجتماع

۽ اجتماعي اعتڪاف جا روح پرور منظر ۽ الوداع ماهِ رمضان جون پُرسوز جهلڪيون ڏسي ڪن اسلامي ڀائرن جون اکيون روئڻھارڪيون ٿي ويون. سڏڪا ڀري روئي رهيا هئا. اهڙي طرح هڪ رقت انگيز منظر هيو. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ جو فڪرِ آخرت ڏيارڻ وارو بيان ٻُڌي ڪري ڪيترن ئي نوجوانن پنج وقتہ باجماعت نماز پڙهڻ ۽ ڏاڙهيون رکڻ جون نيتون ڪيون ۽ اٽڪل **40** اسلامي ڀائرن پنهنجي مٿن تي سبز عمامہ سينگاريا. **الحمدلله عَزَّوَجَلَّ** اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙ اسلامي ڀائرن مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيّت بہ ڪئي. **VCD** اجتماع کان پوءِ مڪتبة المدينہ جي بستي (يعني اسٽال) تي اها **VCD** خريد ڪرڻ وارن جي رش ٿي وئي.

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!      صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

# ﴿17﴾ ديدارِ اميرِ اهلسنت

باب المدينہ (ڪراچي) جي علائقي ڪوڪرا پار ملير جي رهواسي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجي پيڻ تي اٽڪل **15** سالن جي عمر ۾ جنّن جا اثر ٿي ويا. هوءَ **عجيب ۽ غريب** حرڪتون ڪندي هئي. مثال طور بيهوده گاريون بڪڻ، ڪپڙا ڦاڙڻ، گهر ۾ هر ڪنهن سان جهيڙو ڪرڻ، ٿانوَ ڀڃڻ، گهر جون شيون ڪٽي گهروارن کي هٽڻ،

ايتري تائين پنهنجي جسم جا ڪپڙا ڦاڙي گهر کان ٻاهر ڀڄڻ جون ڪوششون ڪرڻ. اسين ان کي وڏي مشڪل سان جهليندا هئاسين ۽ هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ٻاهران تالو لڳائي ڇڏيندا هئاسين. جوان ڀيڻ جي اهڙي **ڪيفيت** ڏسي اسان جو جيئڻ جنجال ٿي ويو. گهڻو علاج ڪرايوسين پر هوءَ نيڪ نہ ٿي سگهي. ان کي اهڙي حالت ۾ **32** سالن جو ڊگهو عرصو گذري ويو. منهنجي ڀيڻ جي عمر **47** سال ٿي چڪي هئي. انهن معاملن جي ڪري ان جي شادي بہ نہ ٿي سگهي. انهيءَ پريشانيءَ ۾ منهنجا بيمار والد صاحب بہ دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. انهن جي پٺيان وڏو ڀاءُ ۽ امڙ بہ دنيا مان گذاري ويا.انهن کان پوءِ اسان ٿي ڀائر رهياسين جيڪي ڀيڻ جي صحتياب ٿيڻ کان بلڪل مايوس ٿي چڪا هئاسين.

**اللّٰه تعاليٰ** جون ڪروڙين رحمتون نازل ٿين اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليہ** تي جو سندن ناهيل تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه 13 ذوالحجہ 1428 ھ تي **VCD** ”**ديدارِ اميرِ اهلسنت**“ جاري ڪئي. جنهن ۾ پهريون ڀيرو اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليہ** جو نوراني چهرو واضح طور تي ڏيکاريو ويوآهي. اها **VCD** منهنجي ڀاءُ گهر ۾ هلائي ۽ ڀيڻ کي بہ اسڪرين جي سامهون ويهاريائين. ويهڻ کان ٿوري دير اڳ هوءَ گاريون ڏئي رهي هئي، پر جيئن ئي منهنجا مرشد اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليہ** اسڪرين تي ڏسڻ ۾ آيا تہ هوءَ بلڪل

www.dawateislami.net

خاموش ٿي ڏسڻ لڳي. جيئن جيئن هوءَ VCD ڏسندي وئي ان جي ڪيفيت ۾ تبديل ٿيندي وئي ان ڏيان ڏئي دلچسپيءَ سان سڀي VCD ڏٺي. VCD ختم ٿيڻ کان پوءِ هوءَ اٿي ۽ غسل ڪرڻ کان پوءِ ٻه رڪعتون نفل ادا ڪيائين. ان کان پوءِ منهنجي پيڻ جي حالت حيرت انگيز طور تي بغير ڪنهن علاج جي ڏينهون ڏينهن بهتر ٿيندي وئي. هاڻي گهر ۾ صفائي ڪرڻ، ٿانوَ ڌوئڻ، ماني پچائڻ، گهروارن جي ضرورتن جو خيال رکڻ ان جي روز مره جي ڪمن ۾ شامل آهي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي اها پيڻ جنهن جو علاج ڪٿي ٻه نہ ٿي سگهيو "**ديدارِ اميرِ اهلسنت**" جي طفيلي مڪمل صحتياب ٿي وئي. **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي مرشد ڪي خير ۽ عافيت سان ڏگهي ڄمار عطا فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

# ﴿18﴾ هڪ عالم دين جا جذبا

**پنجاب** (پاڪستان) جي شهر اوڪاڙا جي ذميدار اسلامي ڀائرن جو بيان ڪجھ هن ريت آهي تہ اسان پنهنجي شهر جي هڪ عالمِ دين ڪي VCD " **دعوتِ اسلامی کی جھلکیاں** "پيش ڪئي. هو اها VCD ڏسي تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ پنهنجي جذبن جو اظهار ڪجھ هن ريت ڪيو:"اها VCD

ڏسڻ کان پوءِ منهنجي دل تي چاهي تہ مان پنهنجا سڀ ڪتاب ڪٽي باب المدينہ (ڪراچي) هليو وڃان ۽ **دعوتِ اسلامي** وارن سان گڏجي **مدني ڪمن** ۾ مشغول ٿي وڃان.“

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## ﴿19﴾ فيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين پيش ڪري ڇڏيائين

**هند** جي شهر رتلم (M.P) جي اسلامي ڀائرن جي بيان جو خلاصو آهي تہ اسان پنهنجي شهر جي هڪ اسلامي ڀاءُ (جيڪو مالي طور تي خوشحال هيو) کي VCD ”**بين الاقوامي اجتماع و اجتماعي اعتڪاف**“ تحفي ۾ ڏني. هو اها VCD ڏسي ايڏو تہ متاثر ٿيو جو **دعوتِ اسلامي** کي پنهنجي زمين مدني مرڪز **فيضانِ مدينہ** نهرائڻ جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيائين.

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## ﴿20﴾ سڄو گهر عطاري ٿي ويو

هند جي شهر اندور (M.P) جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ اسان جي شهر ۾ هڪ گهراڻو ڪجھ غلط

فهمين جي ڪري دعوتِ اسلامي جو سخت مخالف هو، پر جڏهن انهن VCD ”**بين الاقوامي اجتماع و اجتماعي اعتڪاف** “ ڏٺي ته تمام گهڻو متاثر ٿيا خاص طور تي الوداع ماهِ رمضان جا پرسوز منظر ۽ امیرِ اهلسنّت **دامت برکاتهم العاليہ** جو رقت ڀريو انداز ڏسي سڏڪا ڀري روئڻ لڳا ۽ گناهن کان توبهہ ڪري نہ رڳو **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا بلڪ اميرِ اهلسنّت **دامت برکاتهم العاليہ** سان بيعت ٿي عطاري بہ بڻجي ويا. اها ئي VCD جڏهن اندور جي هڪ مفتي صاحب **مدظلہ العالي** ڏٺي تہ فرمايائين تہ هن VCD کي تہ گهر گهر ۾ عام ڪرڻ گهرجي.

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## ﴿21﴾ فيضانِ مدينہ

**آمريڪا** ۾ رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ اسان وٽ هڪ ڊاڪٽر صاحب **دعوتِ اسلامي** جي ويب سائيٽ تي VCD ”**ديدارِ اميرِ اهلسنت**“ ڏٺي تہ ايڏو متاثر ٿيو جو ان پاڻ اسان سان رابطو ڪيو ۽ VCD جي باري ۾ تعريفي جملا بيان ڪرڻ کان پوءِ چوڻ لڳو: مون کي خبر پئي آهي تہ توهان هتي **فيضانِ مدينہ** ناهڻ ٿا چاهيو؟“ مون رڳو ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي تہ ان پيشڪش ڪندي چيو:”توهان **فيضانِ مدينہ** ٺهرايو انهيءَ سلسلي ۾ ٿيندڙ **اڌ خرچ** آءُ

ڏيندس.“

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿22﴾ ڪافر مسلمان ٿي ويو

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ مدني اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي جامعة المدينہ غوث الاعظم (منظور ڪالوني) ۾ VCD اجتماع ڪيو ويو. جنهن ۾ ”**جشنِ ولادت اور دعوتِ اسلامي**“ نالي VCD ڏيکاري وئي. جڏهن ان ۾ غيرمسلمن کي مسلمان ڪرڻ جا منظر ڏيکاريا پئي ويا تہ هڪ عيسائي بہ ٻاهران بيهي اهي منظر ڏسي رهيو هو. هو اها VCD ڏسي ايترو متاثر ٿيو جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو . **الحمدللّٰہ عليٰ ذالک**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿23﴾ رنجش محبت ۾ بدلجي وئي

**قطر** جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ VCD ”گھر امن کا گہوارہ کیسے بنے؟“ اسان وٽ بہ پهتي. اسان جي علائقي ۾ رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ جي پنهنجي گھرواريءَ سان ناراضگي هئي، اهڙي طرح هو ڪافي عرصي کان **ٿورو رنجشن** جو شڪار هو. انهن جڏهن اها VCD ڏٺي تہ انهن

جي رنجش **محبت** ۾ بدلجي وئي ۽ خوشي واري زندگي گذارڻ لڳا. قطر جي ئي هڪ ڊاڪٽر صاحب جو بيان آهي ته اها VCD ڏسي ائين ٿو لڳي ڄڻ اميرِ اهلسنت دامت برکاتھم العاليہ اسان جي باطن جو چور پڪڙي اسان جي سامهون آڻي بيهاري رهيا آهن.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿24﴾ ديدارِ اميرِ اهلسنت جي تڙپ

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته مون VCD "**ديدارِ اميرِ اهلسنت**" پنهنجي آفيس ۾ هلائي ته منهنجي آفيسر به ڏٺي. جڏهن ان اسڪرين تي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتھم العاليہ جا جلوا ڏٺا ته مون کي منٿ ڪندي چوڻ لڳو: خدا جي واسطي! مون کي رڳو هڪ ڀيرو اميرِ اهلسنّت دامت برکاتھم العاليہ جي بارگاھ ۾ وٺي هل، مان انهن کي ويجهي کان ڏسڻ چاهيان ٿو."

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿25﴾ انفرادي ڪوشش

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته مون ۽ منهنجي ٻارن جي ماءُ VCD "**ديدارِ اميرِ اهلسنت**" سمهڻ کان اڳ ۾ گڏجي ڏٺي. ان VCD ۾ اميرِ اهلسنّت دامت

برڪاتهم العاليہ جي **انفرادي ڪوشش** جو مَن موهيندڙ ۽ دلربا انداز بہ ڏيکاريو ويو آهي جنهن ۾ پاڻ دامت برڪاتهم العاليہ تهجد ادا ڪرڻ جي بہ ترغيب ڏياري آهي. مان پنهنجي گهرواريءَ کي تهجد پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندو هئس. پر ڪاميابي حاصل نہ ٿيندي هئي. هڪ ئي رات ۾ هن VCD ايڏو اثر ڪيو جو منهنجي ٻارن جي ماءُ نہ رڳو پاڻ تهجد جي لاءِ سجاڳ ٿي بلڪ مون کي بہ جاڳايائين. مان سوچڻ لڳس تہ جيڪو ڪم مان سالن ۾ نہ ڪري سگهيس منهنجي مرشد جي ديدار هڪ لمحي ۾ ڪري ڇڏيو.

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو! تہ امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ جيVCD بيانن ۽ مدني مذاڪرن جون ڪهڙيون برڪتون آهن. اسان کي کپي تہ ”**اسان کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.**“جي مدني مقصد تحت نہ رڳو پاڻ اِهي وي سي ڊيز ڏسون بلڪ ٻين مسلمانن کي بہ انهن جي ترغيب ڏياري ثوابِ جاريہ جا حقدار ٿيون. الله تعاليٰ اسان کي دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ ساريون ڀلايون عطا فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم

# مدني مشورو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اسان مسلمان آهيون ۽ هڪ مسلمان جي لاءِ ان جي سڀ کان قيمتي دولت ان جو ايمان آهي.ان جي حفاظت جو فڪر اسان کي دنياوي شين کان به وڌيڪ هئڻ گهرجي. امامِ اهلسنّت، عظيم البرڪت، مجددِ دين و ملت اعليٰ حضرت الشاه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جن جو ارشاد آهي: علماءِ ڪرام فرمائن ٿا، ”جنهن کي (زندگيءَ ۾) ايمان کسجڻ جو خوف ناهي هوندو، سڪرات جي وقت ان جو ايمان کسجي وڃڻ جو شديد خطرو آهي.“

(الملفوظ حصو4 ص 390 حامد ايند ڪمپني مرڪز الاولياء لاهور)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نيڪ عملن تي استقامت سان گڏوگڏ ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن **”مرشدِ ڪامل“** جو مريد ٿيڻ به آهي. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ مُريد ڪندا آهن ۽ قادري سلسلي جي عظمت جي ته ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جو ان جا عظيم پيشوا حضور سيّدُنا غوث الاعظم رَحْمَةُاللهِ تعالیٰ عَلَيْه قيامت تائين جي لاءِ (خدا عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان) پنهنجي مُريدن جي توبه تي مرڻ جا ضامن آهن. (**بهجة الاسرار ص 191 مطبوعه دارالڪتب العلميه بيروت**) جيڪو ڪنهن جو مُريد نه ٿيو هجي ان جي خدمت ۾ مدني مشورو آهي! ته هن زماني جي

سلسلهٔ عاليه قادريه رضويه جي عظيم بزرگ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي ذاتِ مبارڪ کي غنيمت سمجهي بنا ڪنهن دير جي سندن جو مُريد ٿي وڃي. يقينًا مُريد ٿيڻ ۾ ڪو نقصان نہ آهي، ٻنهي جهانن ۾ ان شآءالله عزوجل فائدو ئي فائدو آهي.

# مريد ٿيڻ جو طريقو

**ڪيترا** اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون انهيءَ ڳالهہ جو اظهار ڪندا رهندا آهن! تہ اسان **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جو مُريد يا طالب ٿيڻ ٿا چاهيون. پر طريقيڪار معلوم ناهي، تہ جيڪڏهن توهان مُريد ٿيڻ چاهيو ٿا تہ پنهنجو ۽ جن کي **مريد يا طالب** بڻائڻ ٿا چاهيو انهن جو نالو هڪ صفحي تي ترتيبوار ولديت ۽ عمر سميت لکي **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**”**مڪتب مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ**“جي پتي تي روانو فرمائي ڇڏيو، تہ ان شآءَالله عزوجل انهن کي بہ سلسلهٔ **قادريه رضويه عطاريه** ۾ داخل ڪيو ويندو. (پتو انگريزي جي وڏن اکرن ۾ لکو)

E-Mail: Attar@dawateislami.net

# هي رسالو پڙهي ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي موقعن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مکتبة المدينه جي ڇپيل رسالن ۽ مدني ڦلن تي مشتمل پمفليٽ ورهائي ثواب ڪمايو، گراهڪ کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪان تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنتن ڀريو رسالو يا مدني ڦلن جو پمفليٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## مڪتبة المدينه پاران شايع ٿيندڙ ڪجهه ڪتاب ۽ رسالا

- فيضانِ سنت (جلد پهريون)
- پردي جي باري ۾ سوال جواب
- عقيقي جي باري ۾ سوال جواب
- نيڪ بڻجڻ جو نسخو
- پراسرار خزانو
- فيضانِ مرشد
- اولاد جا حق
- جنت جي تياري
- مدني ڪمن جي تقسيم جون گهرجون
- هيروئني جي توبهه
- ڪرسچين مسلمان ٿي ويو
- هيروئني جي توبهه
- خوش نصيب مريض
- جيلن ۾ دعوتِ اسلامي جون خدمتون